شازيہ سالار ويسر*

# جمال ابڙي جون افسانوي ادب ۾ پيش ڪيل خدمتون،

## 1924ع_2004ع

# Services Rendered by Jamal Abro in Fictional Literature 1924---2004


## ABSTRACT:

Jamal Abro was justice by profession. The subject matters of his stories are often the cases coming before him, where he always felt injustice with justice. So, he depicted such characters in his stories, who have suffered the cruelties in human society feudal dominance. Therefore, our un approaching and helpless people are desperately submissive before the dominant and cruel section of society. He has made such characters everlasting in his short stories. After the reading of his stories, it has been felt that his subject matters as well as characters are real stuff taken from society around us, that give us some feelings as well as

Reflections regarding cruelty, suppression, and dominance. His characters are not like tides of sea which strike with shore and go back, but they inspire the outlooks. Besides, they are creating violent thunder like the lightning in the sky.


جڏهن لفظ ادب تي غور ڪريون ٿا تہ اسان جي سامهون ان لفظ جي تشريح جون ڪيتريون معنائون سامهون اچن ٿيون. دنيا ۾ ڏاهن ادب جون لاتعداد وصفون بيان ڪيون آهن. ٿوريءَ ڦير گهير سان ادب جو لبِ لُباب اهو ٿو وڃي بيهي تہ ادب وسيلي انسان پنهنجي سماج جي اڏاوت سان گڏو گڏ پنهنجي اندر جي احساسن ۽ جذبن جي بہ اُپٽار ڪري ٿو. تاريخي طور تي وري بہ اسان ادب جي ابتدا لاءِ قبل مسيح واري يوناني ڏاهن جي بيان ڪيل ادب جي تشريح کان شروعات ڪندا آهيون. ڇاڪاڻ جو اها زمين ڄڻ تہ نهي ئي ادب لاءِ آهي.جڳ مشهور ڏاهي افلاطون جا ئي پهريان ويچار اسان کي ادب لاءِ ملن ٿا. سندس چوڻ آهي تہ "ادب نقالي آهي ۽ هي قومن کي گهمراهہ ڪندڙ آهي"پر ان جي ئي شاگرد ارسطو جا خيال ڪجهہ استاد محترم کان الڳ آهن. هن جو چوڻ آهي تہ ادب قومن جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هي قوت خيال جو اهو ذريعو آهي، جنهن سان اسان پنهنجي جذبن ۽ خيالن کي باقي دنيا تائين پهچايون ٿا. هو ادب ۽ شاعريءَ جو انڪاري نہ آهي.

* ايم-فل اسڪالر، سنڌي شعبو، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

ادب لاءِ عالم ۽ اسڪالر علامه آءِ آءِ قاضي لکي ٿو ته، اها تحرير جا ادب، لطافت، طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن(خوبين) کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.“ ادب کي عالمن ٻن حصن ۾ ورهايو آهي هڪ نظم، ٻيو نثر، نظم واري حصي ۾ شاعريءَ جون سڀئي صنفون اچي وڃن ٿيون ۽ نثر واري حصي ۾ مضمون، مقالا، ڪهاڻي، داستان، ناول، افسانو ۽ ڊراما وغيره شامل آهن. افساني جا پراڻا نالا داستان يا آکاڻي آهن. انگريزن جي دؤر ۾ نثر جي صنف افسانو، انگريزي ادب تان ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ آندو ويو. شروع شروع ۾ افسانو خيالي ڪهاڻين ۾ لکيو ويو. افساني جي معنیٰ ڪوڙو قصو، يا اهڙي ڪهاڻي جيڪا اڌ ڪلاڪ ۾ پڙهي ختم ڪري سگهجي يا وري اهڙي ڳالهه جيڪا هڪ ئي نشست ۾ پڙهي پوري ڪجي. ائين ڪٿي چئجي ته افسانو هڪ مختصر ڪهاڻيءَ کي چئبو آهي

اسان جي زيرِ بحث موضوع جڳ مشهور عالم، اديب، ڪهاڻيڪار جمال ابڙو جا پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيل موضوع آهن. جمال ابڙو سنڌ جو اهو يگانو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻين جو موضوع ۽ متن هميشه نت نئون ۽ منفرد رهيو آهي. حالانڪ جمال ابڙي جون تعداد جي لحاظ کان بنهه ٿوريون ڪهاڻيون آهن. پر انهن ۾ سماج جي اهنجن جون علامتون عڪس ٿيل آهن، يا وري ائين ڪٿي چئجي ته اسان جي سنڌي سماج کي افساني ۾ سمائي ڌرتيءَ جو قرض ادا ڪري ويو آهي.

”اڄ سنڌ جي افسانوي ادب جي آسمان تي جمال ابڙي جي حيثيت هڪ روشن ستاري جيان آهي. سنڌي ادب جا سڀ پارکو نقاد هن راءِ جا آهن ته ورهاڱي کان پوءِ مختصر ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيندڙ جمال ابڙو آهي. هي پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن مختصر ڪهاڻي کي جديد حقيقت نگاريءَ وارو سگهارو روپ ڏنو آهي. توڙي جو ان کان اڳ حقيقت نگاريءَ جي ابتدائي شڪل، امرلعل هنگوراڻيءَ، آسانند مانتوراءِ، چينمل پرسرام، عثمان علي انصاري، نادر بيگ مرزا ۽ ٻين جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. پر انهيءَ شيءِ کي جمال ابڙي نوس شڪل ۾ پيش ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ اسان کي فن ۽ فڪر جو خوبصورت سنگم ملي ٿو. اڄ جمال ابڙي جي ڪهاڻين کان سواءِ سنڌي ڪهاڻي جو تصور اڻپورو آهي.“ (1)

جمال ابڙو پيشي جي لحاظ کان هڪ جج هو. سندس ڪهاڻين جا اڪثر موضوع هن جي سامهون ايندڙ ڪيس آهن. جتي انصاف سان بي انصافي ٿيندي محسوس ڪيائين، اتي انهن ڪردارن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سمائي سماج ۾ ٿيندڙ انيائن جي عڪس بندي ڪيائين. ڇاڪاڻ جو اسان جي سماج ۾ وڏيرڪو ۽

زميندارن جي تسلط وارو ماحول جڙيل آهي. جنهن جي اڳيان اسان جا بي پهچ ۽ بي سهارا ماڻهو بي وس ۽ لاچار آهن، اهڙن ڪردارن ڪي جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سمائي امر ڪري ڇڏيو آهي. سندس ڪهاڻين ڪي پڙهڻ کان پوءِ اهو احساس ٿيندو آهي، ته هن جا موضوع نج پنهنجي سماج جي چوڌاري ڦرن ٿا ۽ جيڪو ڏاڍ ،ظلم ۽ جبر هن پنهنجي سماج ۾ ٿيندي محسوس ڪيو.انهن ڪي هوبهو هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. آسمان تي جيئن ڪنوڻ لڳڻ کان پوءِ گجگوڙ ٿيندي آهي، تيئن ئي جمال جي ڪردارن ۾ گجگوڙون آهن. هن جا ڪردار سمنڊ جي انهن لهرن وانگرناهن، جيڪي صرف ڪناري سان ٽڪرائجي موٽن ٿيون، پر ڪناري تي بيٺلن کي تحرڪ ۾ آڻي ڇڏن ٿيون.

”جمال صاحب ذاتي زندگي ۾ جج جي پيشي سان وابسته هو ان ڪري سندس ڪردار ۽ ڪهاڻين جا پلاٽ سندس ئي پيشي جي اردگرد گهمن ٿا. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڏوهارين، انصاف جي نيڪيدارن، زميندارن، بي وس ماڻهن ۽ لاچارن جي مسئلن کي ڇيڙي انهن کي عدل ۽ انصاف جي اک سان ڏٺو آهي. سندس افسانن تي تبصرو ڪندي محترم آغا سليم لکي ٿو ته، سندس افسانا جتي اڳهاڙي بت تي ڪرنڊڙ سنهڙن سنهڙن ڦڙن جي احساس بدران ائين پيو محسوس ٿيندو جو ڳڙو پيو وسي، سمنڊ پيو گجگوڙ ڪري، ڌرتي، آسمان ۽ سڀ هيناهيون مٿاهيون هڪ ٿينديون پيون وڃن. هن جا افسانا پڙهڻ وقت اوهان کي هلڪڙن آوازن جي احساس جي بدران ننڪاون، ڪڙڪاٽن ۽ سرڙاٽن جو احساس ٿيندو.“ (2)

زندگي هڪ هنڌ بيهڻ جو نالو ناهي، ائين ئي ڪهاڻيءَ جو سفر به آبشارن جيان وهندو فني ۽ فڪري ڌارائون ناهيندو اڳتي وهندو رهيو آهي ۽ زندگيءَ جي ڪيترن ئي پيچيدگين کي لفظن جا روپ ڏيندي، هيستائين پهتي آهي. فن ڪهڙو به هجي، اگر هڪ هنڌ بيهي رهيو، ته سمجهو هو پنهنجي منزل تي پهچڻ کان اڳ ئي بي موت مري ويندو. پر ڪهاڻي پنهنجي اندر ۾ سونهن، سچ، جا فڪري آبشار ڪٽي وڌنڌي رهي ٿي. اوائلي دور کان وٺي، داستانن، آکاڻين، ۽ ناولن کان ٿيندي، ڪهاڻيءَ مختصر ڪهاڻيءَ تائين جو سفر ڪيو آهي. اڳتي هلي ٿي سگهي ٿو، اجان ڪو ٻئي روپ ۾ اسان جي سامهون اچي. اها هڪ حقيقت آهي، ته ادب اسان جي زندگيءَ سان ايترو تعلق رکي ٿو، جيئن روح جو ناتو جسم سان آهي، جيستائين زندگي روان دوان رهندي اوسيتائين ادب به جاري رهندو. احساسن ۽ جذبن جو قدر ان شخص وٽ وڌيڪ محسوس ٿيندو آهي، جيڪو يا ته اهڙي پيڙائن مان گذريو هجي يا وري ٻين ماڻهن کي گذرندو

ڏسي ڪري، انهن جي دردن جو درمان ڳڻجي نہ سگهيو هجي. اهڙا ئي اهڃاڻ جمال صاحب جي افسانن ۾ موجود نظر اچن ٿا.

”جهڙيءَ ريت زندگي ڪڏهن بہ هڪ هنڌ نہ بيٺي آهي، اهڙيءَ ريت ڪهاڻيءَ جو فن بہ زندگيءَ جيان اڳتي وڌنڌو رهيو آهي. جيڪو بہ فن هڪ هنڌ بيٺو آهي، اهو پنهنجي موت پاڻ مري ويو آهي. افسانوي نويسيءَ جو فن شروعاتي قصن،آکاڻين، داستانن، ناولن کان ٿيندو ، مختصر ڪهاڻين تائين پهتو آهي.“ (3)

جمال ابڙو پهريون لکندڙ آهي، جنهن ڪهاڻيءَ جي فني، فڪري حُسناڪين کي پنهنجي ڏرتيءَ جي نج، سماجي، ڳوناٽي ۽ خارجي پهلوئن جا عڪس ڪڻي چٽيا اٿس. اڳ ۾ جيڪي بہ ڪهاڻيڪار ٿي گذريا آهن، موضوع جي لحاظ کان انهن جي ڪهاڻين ۾ بہ سماجي مسئلن جي اپٽار ملي ٿي پر انهن ڪهاڻين ۾ فڪري ۽ فني ڪوتاهيون، ڪمزوريون عروج تي آهن. انهن ڪهاڻيڪارن جي لکڻين پنهنجي سماج جي ذهن تي ڪو خاطر خواهہ اثر نہ ڇڏيو آهي. پر ان جي برعڪس جمال ابڙي پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماج جو آئينو ٺاهي پيش ڪيو آهي. چونڊ جي لحاظ کان هن جي ڪهاڻين جا موضوع نت نوان ۽ سماج سان سلهاڙيل آهن. هڪڙي نبض شناس جي حيثيت ۾ جمال ابڙي پنهنجي پڙهندڙن جي ذهنن تي يادون ڇڏيون آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ سماج جو حقيقي روپ نظر ۾ اچي ٿو. تہ دل ۽ خلوص سان جمال ابڙي سماجي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو آهي. جيڪو هن کي ٻين ڪهاڻيڪارن کان منفرد ۽ الڳ ڪري مٿاهين جڳهہ تي بيهاري ٿو.

”فني لحاظ کان جمال ابڙي جي افسانن جي خوبي هيءَ آهي تہ، هو ننڍن ننڍن جملن، خالص سنڌي محاورن ۽ تشبيهن ذريعي، مقصديت ۾ تاثر پيدا ڪري ٿو. انهيءَ لحاظ کان بہ هو سنڌي زبان جو منفرد افسانہ نويس آهي.“ (4)

ڏنو وڃي تہ ملڪ جي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ کان پوءِ سنڌي ادب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو هو. چاڪاڻ جو سنڌي لکندڙ بہ ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪا هئا. پر ڪي اهڙا يگانا لکندڙ موجود هئا، جن سنڌي ادب جي هر صنف جي نئين سري سان اڏاوت ڪئي. جمال ابڙو بہ انهن ۾ شامل هو، جنهن ڪهاڻيءَ جي فني ۽ فڪري لحاظ کان ڪهاڻيءَ کي مضبوط ڪيو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي، خارجي موضوعن سان گڏو گڏ، ٻهراڙيءَ جي رهڻي ڪهڻي کي بہ ڀرپور نموني سان اجاگر ڪيوآهي. ڪيترائي ڪهاڻي لکندڙ جمال ابڙي کان اڳ موجود هئا پر جمال ابڙي جيڪي سماج جي اهنجن تي لکيو، شايد ئي اڄ سوڌو ڪٿي اهڙيون ڪهاڻيون لکي سگهيون هجن. جمال جي ڪهاڻين ۾ سماج جي مسئلن

جي پيرائتي نموني سان عڪس بندي ٿيل آهي. پوري ايمانداريءَ سان جمال پنهنجو لکڻ وارو فرض بجا آندو.

”حقيقت ۾ ورهاڱي کان پوءِ جمال ابڙو ئي پهريون ليکڪ آهي، جنهن پرپور فڪري ۽ فني حُسن سان پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماجي، خارجي ۽ ڳوڻاٽي زندگيءَ کي موضوع بڻايو آهي. هن کان اڳ جي ڪهاڻيڪارن توڙي هن جي همعصر ڪهاڻيڪارن جون سماجي مسئلن ۽ موضوعن تي ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون ملن ٿيون. پر اهي سماجي شعور جي کوٽ ۽ فني ڪمزورين جي ڪري، پنهنجي دؤر جي پڙهندڙن جي ذهنن تي پرپور تاثر نہ ڇڏي سگهيون آهن. جمال ابڙي سنڌي سماج جي نبض تي هٿ رکي موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي. هن سنڌي سماج جي زندگيءَ ۽ موت وارن مسئلن کي پنهنجين ڪهاڻين جا موضوع بڻايو آهي ۽ نهايت سچائيءَ ۽ خلوص سان پنهنجو تاريخي، قومي ۽ سماجي فرض ادا ڪيو آهي.“ (5)

هوئين تہ جمال ابڙي جون سموريون ڪهاڻيون، پنهنجي جاءِ تي شاهڪار واري حيثيت رکن ٿيون. جن ۾ سماج ۾ ٿيندڙ هر انياءِ جي اوت ٿيل آهي، پر هن ”مان مرد“ ڪهاڻيءَ ۾ انهن سورن ۽ دردن جي داستانن کي فوڪس ڪيو آهي. جيڪي ڪوڙي غيرت، هٺ ۽ انا جي ور چڙهي وڃن ٿا، اسان جي سماج ۾ عورت کي پنهنجو غلام ۽ زرخريد سمجهيو ويندو آهي. حالانڪ عورت کي حُسن جي ديوي بہ چيو وڃي ٿو، پر اسان جي ظالمانہ سوچ ان ديويءَ سان جيڪي ڪلور ڪري ٿي، اها بہ ڪنهن کان ڳجهي ڪونهي. جمال ابڙي عورت تي ٿيندڙ اهڙن ظلمن جا داستان ”مان مرد“ واري ڪهاڻي ۾ هوبهو پيش ڪيا آهن. اسان جي معاشري ۾ موجود انهن حقيقتن کي جمال ابڙي صاحب منظر عام تي آڻي ڇڏيو آهي، جنهن کي اسان جو سنڌي سماج صدين کان وٺي سانديون پيو اچي. اسان جو سنڌي معاشرو اصل کان وٺي مردن جو معاشرو رهيو آهي، يعني حاڪميت مردن جي رهندي تي اچي. پوءِ اتي هڪ بي سهارا ۽ مظلوم عورت سان زيادتيون چونہ ٿينديون.

ادريس جتوئي لکي ٿو تہ:

”سماج ۾ عورت سان ٿيندڙ وڏيڪ زيادتين، پوڙهي مرد سان نوجوان عورت جي بي شادي، نياڻين جي ويهارڻ، ڪارو ڪاريءَ جي رسم، عورت کان سخت ترين پورهئي ڪرائڻ وغيره جهڙا واقعا پنهجي اکين، وک وک تي ٿيندي ڏسي ٿو تہ هو انهن مسئلن کي موضوع بڻائيندي“مان مرد“ جهڙي خوبصورت فينسٽي لکي ٿو.“ (6)

اسان جي سماج ۾ عورت کان شادي ڪرائڻ وقت اهو نہ پڇيو ويندو آهي تہ هوءَ بہ هن شادي ۾ خوش آهي يا نہ، جڏهن تہ اسان جي دين اسلام ۾ نڪاح جو اهو لازمي جز آهي تہ گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهي جو راضپو هجي. هتي سندس پيءُ جي مرضيءَ کي آخري فيصلو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن تہ عورت بہ دل رکي ٿي، سندس مرضيءَ سان زندگي گذارڻ جو حق رکي ٿي. ان بيوس عورت جي جذبن کي، جڏهن پامال ٿيندو ڏسي ٿو ۽ جڏهن جوان نياڻن کي پوڙهن مردن سان پرڻايو وڃي، اهڙيءَ طرح عورتن سان ڏاڍ ۽ ظلم ڪيو وڃي يا وري اسان جي معاشري ۾ ڪارو ڪاريءَ جهڙن انڌن ڪرتوتن کي ڏنو وڃي تہ حق سان لڳاءُ رکندڙ اديب ڪٿي تائين خاموش رهي سگهن. اهڙن ئي منظرن جي عڪاسي جمال صاحب جي هن ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿي.

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

”جنهن ۾ سماج پاران ٿيندڙ ظلمن جو ڀرپور نقشو چٽيو ويو آهي. هن مرد کي اهو محسوس ڪرايو آهي تہ جيڪڏهن تون عورت جي جاءِ تي هجين ها تہ، ڪيتري نہ اذيت ۽ پيڙا ڀوڳين ها. هن جڳ تہ عورتن سان ظلم ڪندڙ مردن جي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي آهي. ڪين انڌن ۽ ظالم ڪرتوتن جو آئينو ڏيکاريو آهي. اسان جو معاشرو پيرپرستيءَ ۽ قبر پرستيءَ ۾ وڪوڙيل آهي. هڪ پاسي جيئرا گلاب جي گلن جهڙا معصوم ٻئسن جي اٿهوند جي ڪري علاج بنا ڦٿڪندا رهن ٿا تہ ٻئي پاسي پيرن جي قبرن مٿان پڙ ۽ ٻيا اجايا خرچ ٿين ٿا. جڏهن اهڙن انسانيت دشمن رسمن جي خلاف بغاوت ڪندڙ ۽ معصوم حياتيءَ کي بچائيندڙ جي عزتِ نفس تي حملا ٿيندي ڏٺائين تہ منهن ڪارو ڪهاڻي لکيائين.“ (7)

هن ان ئي ڪهاڻيءَ ۾ اسان جي معاشري جي اهم فرد مرد کي مختلف طريقن سان ڀرپور ننديو آهي. مرد جي جذبن ۽ احساسن کي جاڳائڻ جا بهترين نمونا ڏنا آهن، ايتري قدر جو هن مرد کي ايترو جهنجهوليو آهي تہ جيڪڏهن تون عورت جي جڳهہ تي هجين ها تہ تنهنجي مٿان ڇا گذري ها، جڏهن توکان اهڙيءَ طرح جيئڻ جا سمورا حق کسيا وڃن ها. جمال ابڙي صاحب پنهنجي ڪهاڻي ”منهن ڪارو“ لکي اسان جي سماج ۾ موجود دولت مند ماڻهن کي نشانو بڻائيندي غربت جو احساس ڏياريو آهي. اسان جي ئي معاشري ۾ ڪيترائي ماڻهو پيرن فقيرن جي مزارن تي باسيون باسي، سڪون ڪٽي لکين رپيا خرچ ڪري ڇڏيندا آهن، جڏهن تہ اسان جي ئي پاڙي، محلي يا شهر ۾ ڪافي اهڙا غريب، يتيم موجود آهن. جيڪي خالي پيٽ سمهي پوندا آهن، انهن کي

علاج ڪرائڻ لاءِ رقم نہ هوندي آهي، جو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويندا آهن. اهڙن ئي انسانيت دوست نظرين جا جذبا ابڙي صاحب جي هن ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهن.

"شاهاڻي برتريءَ ۽ طبقاتي مٽيرائپ جهڙا انسانيت جي تذليل ڪندڙ واقعا روز ٿين ٿا. اها طبقاتي بالادستيءَ جي ذهنيت جڏهن جڏهن معصوميت کي چيپاڻي ٿي تہ جمال" شاهہ جو ڦر" جهڙي ڪهاڻيءَ جو سرجڻهار ٿو بڻجي." بد تميز" ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڊاڪٽر جي غريب مريضَ ۽ ڪاموري ڏانهن رويي جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. هڪ پاسي ڊاڪٽر موت جي بستري تي پيل غريب ماڻهوءَ جو گهربل پئسن نہ هئڻ ڪري بهتر علاج نہ ٿو ڪري، تہ ٻئي پاسي مئجسٽريٽ جي ٻار جو علاج ڪرڻ کان پوءِ بہ ٽپاس فِي وٺڻ کي بدتميزي ٿو سمجهي." (8)

"شاهہ جو ڦر" ڪهاڻي لکي جمال ابڙي صاحب اسان وٽ موجود امير ماڻهو جيڪي پئسن جي نشي ۾ اچي فرعونيت اپنائيندا آهن، پنهنجن ئي غريب رشتيدارن، پاڙيسرين ۽ ٻين مسڪين ماڻهن جا حق کسي محرومين ڏانهن ڌڪيندا آهن. اهڙن ئي بيوس ۽ بي سهارا ماڻهن جو آواز بڻجي جمال صاحب هن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي مٿانهون سمجهندڙ ذهنن کي بي آواز تلوار سان ڪٽو آهي. "بدتميز" ڪهاڻيءَ ۾ پيشي سان واسطہ ڊاڪٽر جي خوشامد ۽ چاپلوسي، انسان دشمني جو اهڙو ڪردار ڏنو ويو آهي جو پڙهڻ سان لونءَ ڪانداري چڙهي ٿو. هڪ طرف غريب جو پئسن نہ هئڻ ڪري تڙپڻ ۽ ٻئي طرف مئجسٽريٽ جي ٻار جي فِي نہ وٺڻ دل رڪندڙ لاءِ ڪنڊ جهڪائيندڙ مرحلو آهي. ائين محسوس ٿئي ٿو، ڄڻ تہ اسان جي معاشري ۾ موجود ماڻهن جا احساس مري چڪا آهن ۽ ڊاڪٽر جي انسانيت بي حس ٿي چڪي آهي.

"هو حر هو" ڪهاڻي ۾ انگريزن پاران ٿيندڙ حُرن تي ظلمن کي ڏيکاريو ويو آهي. ماڻهو ڏاڙيل چو ٿو بڻجي، انهن سببن تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. "ان ڪانسواءِ" بدمعاش" ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ماڻهوءَ جي ڏاڙيل بڻجڻ جي سببن کي موضوع بڻايو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي تہ اهڙن سرڪش ڪردارن جي اندر ۾ پڻ معصوميت لڪيل آهي. اهي جڏهن شريف بڻجڻ گهرن ٿاتہ معاشرو انهن کي شريف بڻجڻ نہ ٿو ڏي."ڪارو پاڻي" ۾ ٻوڏ جي پسمنظر ۾ هڪ پوڙهي انسان جي بيوسي ڏيکاري وئي آهي ۽ حالتن جي جبر هيٺ پنهنجي اباڻي ڳوٺ کان زوري ڇڄڻ جي درد کي موضوع بڻايو ويو آهي."(9)

هو حر هو ڪهاڻي پڙهڻ سان اهو محسوس ٿئي ٿو تہ جمال صاحب جو ڌرتيءَ سان بہ بيحد پيار هو. هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن حر مجاهدن کي ساراهيو ويو

آهي. جن پنهنجون جانيون سنڌ ڌرتيءَ تان قربان ڪري ڇڏيون. اهڙن جانثارن سان انگريزن جي طرفان ٿيندڙ ظلمن کي نمايان ڪيو ويو آهي. ”بدمعاش“ ڪهاڻيءَ ۾ ابڙي صاحب انهن سببن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي ظاهر ڪيو آهي، جنهن جي ڪري اسان جي سماج ۾ شريف انسان ڏاڙيل بڻجي ٿا وڃن، جڏهن ته انهن جي اندر ۾ لڪيل معصوميت موجود هوندي آهي ۽ اهي شرافت سان زندگي گذارڻ گهرندا آهن، پر اسان جو معاشرو انهن کي اهو حق نه ڏيندو آهي. ڪارو پاڻي ڪهاڻيءَ ۾ وري به پنهجي ديس ۽ ڌرتيءَ سان پيار کي ڏيکاريو ويو آهي. هڪ پوڙهي ماڻهو جو ٻوڏ اچڻ سبب پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڳوٺ کي ڇڏڻ اهڙي خوبصورت انداز سان ڏيکاريو ويو آهي، جو ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ جا جذبا جاڳائي ڇڏي ٿو.”ڪارو پاڻي“ ڪهاڻيءَ مان هيٺ اهڙو اقتباس پيش ڪجي ٿو، ته جيئن اسان کي جمال ابڙي جي پيش ڪيل ٻولي ۽ فڪر جي ڄاڻ ملي.

”سومر وري ٻيهي رهيو، سندس جسم جو ذرو ذرو ڳوٺ جي مٽيءَ ۾ ڳوهجي وڃڻ لاءِ آتو هو. وڌيڪ جدا رهڻ کان انڪاري هو، سندس اچو مٿو ۽اڇيون پرون ۽ اڇي ڏاڙهي، ڪنبڙ وندڙ ٿي وائڙن وانگر اڏامي التجائون ڪري رهيا هئا، سندس دل ۾ چريائپ واري ڪوڪ اٿي جڻ ته ڪل ٽڙي وئي هيس. پانيائين ته ٿبيون هٽي، اندران ئي اندران وڃي عائشه جي قبر کي جهليان، وڃي ڪو ٽانيڪو ٿيان، وڃي آرام وٺان........... پاڻس ڪٽي ٻانهن کان جهليس، سومر گهلبو ويو. سندس قدم قدم ڳوٺ جي مٽيءَ سان چنبڙندو ٿي ويو. جڻ ته ڪاغذ جا به پنا ڪؤنر سان چنبڙيل هئا. زوريءَ ڌار ڪرڻ ۾ چچرجي، ڦاٽي، ليڙون ليڙون ٿي ويا.

”خميسي جو ڪوٽ“ ۾ هڪ غريب ميهار ٻارڙيءَ جي غربت کي چٽيو ويو آهي، ان سان ڳڏ اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته انفرادي چڱائيءَ سان معاشري ۾ تبديلي جنم نه وٺندي. نوجوانن جي ڇڙواڳيءَ، مغرب زده هجڻ ۽ هڪ پينو فقيراڻيءَ جي جيون جو عڪس، ”مهرباني“ ڪهاڻيءَ ۾ چٽيل آهي. ”پشو پاشا“ ڪهاڻيءَ ۾ جاگيرداري سماج جي ذلتن ۽ ان خلاف بغاوت ڪندڙ ڪردار جو عڪس ڏيکاريو ويو آهي. نام نهاد ليڊر شپ کي رد ڪيو ويو آهي ۽ حقيقي ڳڏيل قيادت کي اپاريو ويو آهي. ملڪ ۾ جڏهن آمريت اچي ٿي ۽ آمر علم ۽ ادب جو دشمن بڻجي گوئبلز ۽ هٽلر جو روپ ڌاري ٿو ته جمال”مارشل لا ۽ اسلام آباد“ ڪهاڻي لکي، جيڪا پوءِ ” فرشتو“ عنوان سان شايع ٿي. نسلي بنيادن تي انسانن جي قتلِ عام جي پسمنظر ۾ هن ”ماءُ جي جهولي“ ڪهاڻي لکي. انسان جي اڻٽڪ جدوجهد ۽ زندگي ۾ پختگي ويساهه جو ذڪر“ لاٽ“ ڪهاڻي ۾ ڪيو ويو آهي، جيڪا لاڙ جي تهذيبي پسمنظر ۾ لکيل آهي.“(10)

اهڙن ڪردارن ڪي پنهنجن انمول خيالن ۾ ابڙي صاحب سميٽيو آهي. جيڪي هر احساس رکندڙ دل جي خواهش آهن. انهن سوچن کي نوان نوان لباس ڍڪائي منظر عام تي آندو ويو آهي. جو اهو سڀ ڪجهه جمال ابڙي صاحب کان اڳ نه ٿيو هو. خميسي جو ڪوٽ ڪهاڻيءَ ۾ مينهون چاريندڙ مسڪين ماڻهو جي نياڻي جي غربت کي بهترين رنگن سان چٽي معاشري ۾ روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته، جيڪر اسان جو معاشرو جاڳي پئي. مهرباني ڪهاڻيءَ ۾ پنندڙ فقيرياڻي جي زندگيءَ کي عجب انداز سان ڏنو ويو آهي. پشو پاشا ڪهاڻي جمال ابڙي صاحب لکي وڏيرڪا شاهي جي جابرانه ڪرتوتن کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪهاڻيءَ جمال ابڙي صاحب کي جڻ پر وجهي ڇڏيا، جنهن جي ڪري سندس سنڌي سماج ۾ رهندڙ هر مظلوم، غريب، بي سهارا ماڻهن جون دليون کٽي ورتائين. ڇو ته هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن مجبور ماڻهن ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ جا گس ڏنا ويا آهن. فرشتو ڪهاڻي ۾ ڌرتي تي حڪومت ڪندڙ ان آمر جو عڪس چٽيو ويو آهي. جيڪو علم ۽ ادب جو دشمن آهي، ان سان گڏوگڏ اهڙو ڪردار ڏنو ويو آهي، جيڪو ظلم جي سامهون لوهه جي ديوار بڻجي وڃي ٿو. ماءُ جي جهولي ڪهاڻيءَ ۾ اسان وٽ موجود قبائلي جهڳڙن جو منفرد انداز ڏئي ڪري، ننديو ويو آهي. لاٽ ڪهاڻيءَ ۾ اهي ڏس ڏنا ويا آهن جنهن سان انسان پنهنجي منزل تائين رسي ٿو جيڪا اصل زندگيءَ جو مقصد آهي. اهي ڪجهه نمونا آهن، جمال ابڙي جي ڪهاڻين جا، جن ۾ هن سماج جي انهن مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي. جيڪي اذيت پري زندگي گذاري رهيا آهن. هن جي ڪهاڻي جا اڪثر موضوع پيڙهيل، هيسيل طبقي جا انسان آهن . جن کي سماج جو سرمائيدار طبقو حقارت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. جمال ابڙي پنهنجي قلم جي نوڪ سان سرمائيدار، جاگيردار جي منهن تان ڪوڙ جا غلاف لاٿا آهن. جيڪي وڏيرڪي ۽ جاگيردارڪي سماج ۾ سمايل آهن. جمال ابڙي اهڙي طبقي جي نشاندهي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪري هينئين طبقي جي سوچ ۾ تبديلي آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

”جمال ابڙي اهو ئي ڪم ڪيو ، هن پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع زياده تر ان طبقي مان ڪنيا جيڪي ڏتڙيل پرماريت جو شڪار آهن. سندس موضوع وڏيرڪي سماج ۾ ماڻهن سان حيواني سلوڪ، معاشي طور سخت اذيتناڪ صورتحال بک، بيروزگاري، مفاد پرستي،نفسانفسي آهن.جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جا تقريباً سڀ تاريڪ پهلو ظاهر ڪيا آهن. جيڪي وڏيرڪي سماج جا جڙ ۾ سمايل آهن.“(11)

وڏيرا شاهي جو ڀرپور عڪس هن پنهنجي ڪهاڻي ”پيراڻيءَ“ ۾ اهڙي نموني سان بيان ڪيو آهي. جو پڙهڻ واري جا اگر ڳوڙها ان معصوم پيراڻيءَ جي ڪٿا پڙهي نه ڳڙيا ۽ هن جو اندر جهري نه پيو ته، ڄڻ ان شخص ۾ انسانيت جا جذبا آهن ئي ڪونه......!چاڪاڻ جو ان معصوم ٻارڙيءَ جي رڙين ۽ ڪوڪن تي هن جي ماءُ جي ممتا جوالا مکي وانگر ڦاٽي پوي ٿي. جڏهن هن جي سيني تان زوري پيراڻيءَ کي جدا ڪيو وڃي ٿو. اهڙن خيالن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته جمال ابڙو انسان دوست ۽ درد رکندڙ انسان هو.

”جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”پيراڻي“ ۾ پيراڻي هڪ معصوم ڌيءَ آهي، جيڪا وڪجي وڃي ٿي. بک ۽ بيوسي ۾ سڀ جذبا زنده آهن، ماءُ جي ممتا به آهي پر معصوم ٻارڙي وڪجي وڃي ٿي. ماءُ ڦٿڪندي رهي ۽ ڌيءَ سڏڪندي رهي، امان، بابا پڪاريندي رهي ٿي. پيراڻيءَ جي پيءُ کان نڪ ۽ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ مان ٿي ٽميو ۽ لڙ رواني ٿي وئي. ڪهاڻيڪار جيڪو فڪر ڏيڻ ٿي چاهيو اهو سامهون اچي ٿو ته معاشي مسئلو دنيا جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. شيخ اياز جي بقول ته :

سدا آهي ساهه کي ٻيي جي ٻولها،
ڍوَ بنا ڍوليا ناهي ساڃاهه سونهن ۾

(12)

جمال صاحب هڪ اهڙي احساس ۽ جذبي جو ذڪر هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو آهي. جو دردن جو سمنڊ نظر اچي ٿو. پيءُ ماءُ جهڙا عظيم رشتا غربت ۽ بدحالي سبب پنهنجي جگر جا ٽڪڙا چند ڏوڪڙن جي عيوض ڏيڻ لاءِ آتا نظر اچن ٿا. اهو چوڻ به آهي ته ”بک ٻڇڙو ٻول دانا ديوانا ڪري ڇڏي“. اهڙي ته تجسس ۽ منظر ڪشيءَ ۾ هيءَ ڪهاڻي لکيل آهي جو پڙهڻ سان پٿر به پاڻي ٿي پوي ٿو. اهڙن رشتن کي بي وس ۽ مجبور ڏيکاريو ويو آهي جو ڪنهن به طرح اهو سڀ ڪندي ڄڻ دل مڃي ئي نه ٿي. ابڙي صاحب جا افسانا ڄڻ ته دل جي خون سان لکيل آهن، مس استعمال ئي نه ٿي آهي.

”جمال ابڙو سنڌي زبان جو عظيم افسانه نويس آهي. ڪيس جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو باني چئجي ته بي جا نه ٿيندو. هن ڪهاڻين ۾ سماج جي مظلوم طبقي ۽ مظلوم انسانن کي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي واتان سماج جي روايتن ۽ طبقاتي نظام خلاف آواز بلند ڪيو آهي. سندس افسانن جا ڪردار غريب ۽ مظلوم هجڻ جي باوجود سرڪش، باغي ۽ انقلابي آهن.“(13)

جمال ابڙي صاحب کان پهريان به افساني تي خوب لکيو ويو آهي. هندو اديبن، جيڪي لکڻ جي فن جا ماهر رهيا آهن، انهن به پنهنجي وس کان نه

گهٽايو آهي. پر جمال ابڙي صاحب جو افساني جي دنيا ۾ اچي، اهڙو ترٿلو مچائي ڇڏيو، جنهن جو مثال اڄ تائين نظر نه ٿو اچي. عوام جي اهڙي طبقي جو آواز پنهنجي قلم کي بڻايو ويو آهي، جنهن کي اسان جو سماج اڄ تائين لتاڙيندو رهيو آهي. حق ۽ سچ جو آواز امر ٿي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو، اڄ به جمال ابڙو صاحب افساني جي دنيا ۾ روشن ستاري جيان چمڪندو نظر اچي ٿو.

"مجموعي طور جمال ابڙو ترقي پسند آهي، جنهن تي مارڪسي انقلابي تحريڪ جو اثر نمايان آهي پر ساڳئي وقت بقول شيخ اياز جي ته جمال ابڙو خدا دوست به آهي ته انسان دوست به آهي ۽ ادب دوست به آهي ۽ سندس ٽئي خاصيتون سندس ڪهاڻين ۾ موجود آهن، اسان جمال ابڙي کي خالص مارڪسٽ ليکڪ نه ٿا چئي سگهون بلڪ سنڌ ڌرتيءَ جو اهو ليکڪ آهي جنهن جي مٽيءَ ۾ انسانيت، امن ،پيار، محبت ۽ اميد پرستي آهي. جنهن جو فڪر زندگي پروري آهي. اهو فڪر سنڌ جو فڪر آهي.......... تسلسل آهي." (14)

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جمال ابڙو صاحب نوان رخ ۽ موضوع ڏنا آهن. هن جون اڪثر ڪهاڻيون سماج جي ان طبقي جي نشاندهي ڪن ٿيون. جنهن طبقي کي اسان جو سرمائيدار پنهنجو غلام سمجهندو آهي. جن وٽ انسانيت جو ڪو به قدر ڪونهي، هنن وٽ رڳو پنهنجي ڪوڙي شان ۽ وڏائي کي برقرار رکڻ لاءِ هيٺين طبقي جي انسانن کي اذيتون ڏيندي نظر اچن ٿا. جمال ابڙو پنهنجي لکڻين ذريعي پنهنجي عوام جي شعوري سگهه ۾ اضافو ڪندو رهيو آهي. هن امن، محبت جي درس سان گڏو گڏ همٿ، حوصلي جي بلنديءَ لاءِ تمام گهڻو جاکوڙيو آهي. ڪهاڻي ڪيتر ۾ جمال ابڙي جو نالو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي بنياد وجهندڙن ۾ مٿاهين درجي تي چنڊ جيان هميشه چمڪندو نظر ايندو. چاڪاڻ جو جمال ابڙي پنهنجي تحريرن وسيلي انهن ماروئڙن سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. جن کي اسان جو سماج پير ۾ ويهارڻ جي لائق به نٿو سمجهي. دراصل محبت اهو مقناطيسي اوزار آهي، جنهن جي وسيلي دلين مان ڪرود، انا، هٺ وڏائي کي ڇڪي ٻاهر ڦٽو ڪبو آهي. جڏهن دل جي ڌرتيءَ منجهان اهڙا عنصر نڪري وڃن ته پوءِ ان اگهڻ تي پيار، امن جا گل ٽڙي پوندا آهن. جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ هميشه مرجهايل دلين کي آباد ڪرڻ لاءِ گس گهڙيا آهن. سندس ڪهاڻين جي ٻولي نهايت سادي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ نج ڳوٺاڻي محسوس ٿئي ٿي. جمال ابڙي ڪٿ به دقيق ٻولي استعمال نه ڪئي آهي، هن پنهنجي سنڌي ماحول مطابق محاوره ۽ اصطلاح پيش ڪيا آهن. جن مان عوامي ٻولي جي سڳنڌ اچي ٿي.

”ٻولي جي حوالي سان جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي ٻولي نهايت متوازن ۽ خوبصورت آهي. اها نج عوامي زبان آهي. جيڪا ٺيٺ ڳوٺاڻي ماحول جي پيداوار آهي، جنهن ۾ ڳوٺن جي خوشبوءِ آهي. ان ۾ ڪا به مصنوعيت، بناوت، ۽ ملاوٽ نه آهي. ٺيٺ ڳوٺاڻي ٻوليءَ جي استعمال سان گڏ ان جو لب و لهجو پڻ عوامي آهي ۽ ان ۾ ڪو به مونجهارو يا ابهام ڪونهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ جيڪا ڳالهه چوڻ چاهي آهي. سا بهترين ٻوليءَ جي استعمال سان چئي آهي. اها ئي سندس ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي آهي.“ (15)

جمال ابڙي وٽ پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪارن وانگر ڪنهن به قسم جي ڪا سگهڙائپ نه آهي ۽ نه ئي ٻين ڪهاڻيڪارن وانگر ڪي ڏکيا لفظ ۽ ٻين ٻولين جا مثال موجود آهن. پر هن وٽ پنهنجي هر لفظ جي پنهنجي معنیٰ ۽ مقصد آهي. ڪٿي به عربي، فارسي، ۽ هندي ٻوليءَ جا منجهائيندڙ لفظ استعمال ناهن ڪيا. جمال ابڙي ڪٿي به پنهنجي پڙهندڙ تي دهونس جمائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. پر مڪمل پنهنجي ٻولي استعمال ڪئي آهي.جيڪو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. جيئن ته جمال ابڙي جي سمورين ڪهاڻين جو موضوع اهي غريب، مسڪين، يتيم ۽ ٻي سهارا ماڻهو آهن. جن کي اسان جي سنڌي سماج پراڻي اخبار وانگر اڇلائي ڇڏيو آهي. پر جمال صاحب انهن اڇلاين ڪاغذن کي پنهنجي ساهه سان سانديءَ، خوشبوئن ۾ ويڙهي پنهنجي بيباڪ خيالن ۾ سمائي افساني جي صورت ڏئي ميدان ۾ ڇڏيو آهي، جو اهي ڪردار هميشه لاءِ زنده ٿي ويا آهن. ابڙي صاحب جي ڪاميابي جو راز به اهو ئي آهي، جو هن عوام جي زبان ۾ انهن جي ئي دل جي ڳالهه ڪئي آهي. مطلب ته جمال ابڙي صاحب افسانوي ادب ۾ لازوال خدمتون انجام ڏئي، عوام جي دل ڪٿي ورتي آهي، مگر پنهنجي حيثيت کي به بيمثال بڻايو آهي.

**حوالا:**


1. جتوئي، ادريس، ”جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي“، (ايم- اي سنڌيءَ جو مونو گراف)، ڪويتا، پبليڪيشن – حيدرآباد، سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي، 2005ع.ص. 53.
2. ملاح، مختيار احمد، ”سنڌي ادب جو جديد مطالعو“، (قديم دؤر کان اڄ تائين)، ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو ٻيو، 2014ع.ص. 459.

3. (3) جتوئي، ادريس، ”جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي“، (ايم- اي سنڌيءَ جو مونو گراف)، حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن، سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي، 2005ع.ص. 32.
4. سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، 2002ع.ص.190.
5. جتوئي، ادريس، ”جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي“، (ايم- اي سنڌيءَ جو مونو گراف)، حيدر آباد، ڪويتا پبليڪيشن سنڌي ادبي سنگت، نوان جتوئي، 2005ع.ص.54.س
6. ايضاً، ص 54.
7. ايضاً، ص 54.
8. ايضاً، ص 55،54
9. ايضاً، ص 55
10. ايضاً، ص 55
11. ميمڻ، غفور ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“، ڪراچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، يونيورسٽي، 2002ع، ص: 370.
12. ايضاً ص 374.
13. سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد ،ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن 2002ع، ص: 190.
14. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“، ڪراچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، يونيورسٽي، 2002ع، ص: 380.
15. جتوئي، ادريس، ”جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي“، (ايم- اي سنڌيءَ جو مونو گراف)، ڪويتا پبليڪيشن حيدر آباد، سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي، 2005ع.ص. 56.